ڊاڪٽر نجمه نور ڦلپوٽو

# شاهه لطيف جي نظر ۾ عورت جي سماجي حيثيت

***Abstract***

**Social Status of Women in the Eyes of Shah Latif**

*An immortal Crown Poet Shah Abdul Latif of Sindh has paid a high regard to woman for her fidelity, sincerity, patriotism and adherence to social values etc. He has described ideal women in his poetry.*

*Shah has poeticized his inner mind in the honour of woman. Be it past or present, women have remained under the persecution of tyranny of men in every age. But Shah Latif has expressed the qualities of bravery, real love and self-denial in woman that man doesn't possess at all.*

*In the story of Sassui, she is seen as an example of bravery, boldness and true love. Shah Sahib has found her self-determined, stead fast and brave.*

*Similarly Shah has taken all her characters, as Marui, a symbol of patriotism. She was never subdued by any inducement of wealth, power or any comfort but had love only for her parents, fiance and her village life. In his poem on "Sur Sohini", she is presented as a rebel who revolts against the traditions and stands by the determined will of her own and sacrifices her life for that cause. In the case of "Noori" Shah Latif has described humility and politeness of Noori. Though a King, Jam Tamachi, did every thing as a true lover to achieve her. Shah Latif here shows that love has the power to eradicate all forms of discrimination. In this way Shah has described all his charcters in Moomal, Leela, Sorath etc, and expressed their qualities in his own way that present truth and sincerity to the causes they took.*

*Shah Latif has taken all his characters (seven brave women) and portrayed them as complete in themselves. Throughout his life Shah struggled to uproot the injustice, evil and vice from the society that tortured women.*

Shah Abdul Latif Bhitai Chair

**سنڌ** جو سدا حيات ۽ بين الاقوامي شهرت، عظمت ۽ عزت رکندڙ شاهه عبداللطيف ڀٽائيؒ هر خيال کان هڪ ڪامل، هر دلعزيز ۽ بي مثال شاعر ۽ مفڪر ٿي گذريو آهي، جنهن کي اڄ بہ وڏي ادب، احترام ۽ محبت سان ياد ڪيو وڃي ٿو. اهڙو ڪو انسان مشڪل ملندو، جنهن کي سندس ڪلام جي سڪ نہ هوندي، ۽ اهڙو ڪو هنڌ خالي نہ هوندو، جتي سندس شعر جو پڙاڏو ڪن تي نہ پوندو هجي. سندس شاعراڻي ڪستوريءَ جي خوشبوءِ سڀ ولايت واسي ڇڏي آهي.

لطيف سائينءَ پنهنجي شاعريءَ ۾ سونهن، سوڀيا، نماڻائي، نهٺائي، وفاداري، حيا، وقار، بردباري، حب الوطني، انسان سان ازلي عشق ۽ ٻيا اهڙا سماج جا اعليٰ قدر ۽ انيڪ اوصاف، انسانن جي رهبريءَ ۽ رهنمائيءَ لاءِ پيش ڪيا آهن. سندس ڪلام محبت جي پيغام سان گڏ سماج ۾ باوقار ٿي رهڻ جي تلقين آهي. هو اهڙن انسانن جو قدردان آهي، جن پنهنجي حقن جي حفاظت ڪئي. سندس سورميون دراصل اسان جي سماج جون آدرشي عورتون آهن، جن پنهنجي حقن جي حفاظت ڪئي ۽ ڀٽائيءَ جي نظر ۾ سماج ۾ وڏي حيثيت جي لائق آهن.

ڀلاري ڀٽ ڌڻيءَ جي سموري ڪلام پڙهڻ کانپوءِ ايئن محسوس ٿئي ٿو تہ شاهه سائين صنفِ نازڪ جي سماجي حيثيت کان تمام گهڻو متاثر آهي، ڇاڪاڻ تہ اڄ وانگر ان دور ۾ بہ سنڌ جي عورت بي وس، محڪوم ۽ مجبور هئي. اسان جي هن سماج ۾ عورت کي سماجي، اخلاقي، سياسي توڙي اقتصادي کيتر ۾ هميشہ ثانوي حيثيت پئي رهي آهي. ڪيس ڪڏهن بہ پاڻ وهيٽي ٽيڻ جو اختيار نہ ڏنو ويو آهي، انڪري عورت کي شاهه سائينءَ پنهنجي ڪلام ۾ تمام اهم ۽ اعليٰ مقام عطا ڪيو آهي، ايتري قدر جو پاڻ عورت جي زبان ۾ ڳالهايو اٿس.

عورت، جيڪا ڪائنات جو اهم جُز آهي، ان جي حيثيت کي عقيدت جي اعليٰ مقام تي آندو اٿس. ايئن پيو لڳي تہ ڄڻ شاهه سائينءَ پنهنجي دؤر ۽ ماحول، سماجي ردوبدل، عوامي زندگيءَ، رياست ۽ حاڪميت جي ڳُوڙهي مشاهدي ماڻڻ سان گڏ عورت جي نفسيات کي پڻ بخوبيءَ پروڙيو آهي ۽ ان جي خوبين کي پنهنجي ڪلام ۾ ڳايو آهي. صرف هڪ سسئيءَ تي سڄا سارا پنج سُر (سُر سسئي آبري، معذوري، ديسي، ڪوهياري ۽ حسيني) خلقيا اٿس. ان کان سواءِ هُن مارئي، سهڻي، ليلا، مومل ۽

Shah Abdul Latif Bhitai Chair

ڪاپائتيءَ تي بہ خوب شاعري ڪئي آهي. سندس سيني سُرن جي شاعري، آفاقي شاعري آهي، جن مان ڪيترن سُرن ۾ پاڻ عورت جو روپ ڌاريو اٿس، يعني ڪِن سُرن ۾ عورت سان مخاطب آهي، ڪِن سُرن ۾ عورتن جو ڪردار موجود آهي تہ ڪِن سُرن ۾ وري پاڻ عورت جي زبان ۾ ڳالهايو اٿس.

پنهنجي ڪلام ۾ عورت کي ايڏي وڏي حيثيت ڏيڻ جا شاهہ سائينءَ وٽ ڪيترائي ڪارڻ آهن، ڇاڪاڻ تہ سندس نظر ۾ عورت وفا، قرباني، محبت ۽ مامتا جو مجسمو آهي.

شاهہ سائينءَ کي عورت جي اُمنگن ۽ آسن لاءِ عزت هئي، هن پنهنجي تيز فهم، ذَڪي نگاهہ ۽ انساني سياءَ جي ڳُوڙهي ڄاڻ مان پرکيو تہ عورت جيڪي دليريءَ جا ڪم ڪري سگهي ٿي، سي مرد جي پهچ کان گهڻو ٻاهر آهن ۽ جيڪو ”خودانڪاريءَ“ جو انگ عورت ۾ آهي، سو مرد ۾ هرگز نظر نہ ايندو. عورت جي قرباني بي مثال ۽ سَهپ جي طاقت لازوال آهي. هوءَ ارادي جي پڪي ۽ قول تي قائم آهي. عورت جو ”پريم“، عورت جي سموري هستي آهي. اها ئي شاهہ صاحبؒ جي شاعريءَ جي ميراث آهي، جيڪا سنڌ جي سماج، تهذيب، ثقافت، معيشت ۽ مذهب جي چٽي تصوير پڻ آهي.

جيئن تہ شاهہ صاحب جي شاعري، احساسن ۽ لطيف جذبن جي شاعري بہ آهي، جنهن ۾ پاڻ عورت کي اعليٰ سماجي حيثيت عطا ڪئي اٿس، ان ڪري هتي اسين سنڌي سماج جي ڪمزور، نٻل ۽ لاچار عورت جو سندس شاعريءَ ۾ مختصر جائزو وٺنداسين:

شاهہ سائينءَ هڪ پاسي تہ سسئيءَ لاءِ چوي ٿو:

”اَڌِر، نِـــڌَرِ اَيِـــرِي، اَسُـــونِـــهـــيـــن آئُـــون“

(سسئي آبري) (1)

يعني سسئيءَ کي پهريائين هڪ اپري، ڪمزور، ننڍڙڪي، بي سهاري ڏيکاري ۽ ان ڪانپوءِ ڪيس ايترو تہ عزم ڏئي ٿو ۽ ان جي پختگي ڏيکاري ٿو، جو هوءَ جبل سان بہ سينو ٿي ساهي ۽ چوي ٿي:

تـــپـــي ڪـــنـــديـــن ڪـــوهـــہ، ڏونـــگـــر ڏڪـــويـــن ڪـــي،
تـــون جـــي پـــهـــڻ پـــٻ جـــا، تـــہ لِـــڳ مـــنـــهـــنـــجـــا لـــوهـــہ.

(کوهياري) (2)

شاهه سائين سُر ديسيءَ ۾ وري سسئيءَ کان هيئن چوايو آهي تہ:

وَر، وَراکا وِچ ۾، لکين آڏا لَڪ،
هُو جي آڏا حَقَ، سي کندا کوهہ کَندِينِ کي؟
(سُر ديسي) (3)

وَرَ ۾ کونهي وَرُ، ڏيرن وَرُ وڏو کيو،
نِهاريندِيس نِڪَٽِي، بوتن کارڻ بَرُ،
آڏو ٿَکر ٿَرُ! متان روهہ رتيون ٿئين.
(سُر ديسي) (4)

سسئي جا ڏير تہ هئا ڏُريان ئي ڏاريا، جي ساٿس ويساهه گهاتي ڪري ويا، پر شاهه سائينءَ عورت جو ڪردار هتي اڻ موٽ ڏيکاريو آهي، جيڪا حالتن جي ضد ۾ اڪيلي سر جدوجهد ۽ ويڙهه ڪري ٿي ۽ پنهنجي حق تي ڏاڙو هٽندڙ هر قوت جو آخري پساهن تائين مقابلو ڪري ٿي. اها ويڙهه ۽ جدوجهد ڏاڍ جي هر انهيءَ سازش خلاف آهي، جنهن سان هو حَق، آهون ۽ دانهون سَلب ڪري ٿو. شاهه سائين ڏيکاري ٿو تہ سماج ۾ عورت ڪي ايتري حيثيت آهي، جو جيڪڏهن هوءَ چاهي تہ اهي هٺ ٺوڪيا معيار سندس جدوجهد جو رستو روڪي نٿا سگهن.

ساڳيءَ طرح مارئي آهي، جيڪا ڪوٽن ۾ قيد هجڻ جي باوجود وقت جي حاڪم آڏو ڪنڌ نٿي جهُڪائي. شاهه سائينءَ اُن ڪي عورت جو عزم، استقلال ۽ پختگيءَ جو نالو ڏنو آهي.

سُر مارئيءَ ۾ شاهه سائينءَ مارئيءَ جي روپ ۾ ڏيکاريو آهي تہ هڪ عورت پنهنجي مٽيءَ سان ڪيڏي نہ محبت ڪري ٿي. هن سُر ۾ شاهه سائينءَ عورت جي سچائي ۽ وفاداريءَ جو معيار پيش ڪيو آهي ۽ ڏيکاريو آهي تہ مارئي ڪيئن نہ پنهنجي اباڻي واريءَ جي پيني پيني خوشبوءِ ڪي ياد ڪري روئي ٿي ۽ پنهنجي ديس جي ليڙون ليڙون ٿيل لوئيءَ جي لڄ لاءِ وقت جي طاقت سان مقابلو ڪري ٿي ۽ وڙهي ٿي.

مارئي چوي ٿي:

تر تر اندر ٿانءُ، وَنهِيَنِ ويڙهيچن جو،

سڀ تُنهنجا سومرا! ويتا ڳِنهن نانءُ،
اُتي ويندِيس آنءُ، لوئيءَ لڄ مٿي ڪري.
(سُر مارئي) (5)

پنهنجي وطن جي مٽيءَ سان محبت ۾ چوي ٿي:

واجهائي وطن کي، ساري ڏيان ساهه،
بُت منهنجو بند ۾، قيد نه ڪريجاهه،
پرڏيهياڻي پرينءَ ري، ڏارَ مَ ذريجاهُه،
ٿڌي وسائجاهه ٿرن جي، مٿي مُئيءَ مٽاهه،
جي پويون ٿئي پساهه، ته نِجاهه مڙهه ملير ڏي.
(سُر مارئي) (6)

واجهائي وطن کي، آءٌ جي هِت مياس،
گورَ مُنهنجي سومرا! ڪج پنهوارن پاس،
ڏِج ڏاڏاڻي ڏيهه جي، منجهان ولڙين واس،
مُيائي جياس، جي وڃي مڙهه ملير ڏي.
(سُر مارئي) (7)

عورت جي سماجي حيثيت کي شرف ڏيندي، شاهه سائين سُر سهڻيءَ ۾ ڄاڻائي ٿو ته عورت جي بهادري ۽ بي ڊپائي بي مثال آهي. هوءَ جڏهن به ڪو عزم ڪندي آهي ته پهاڙ کان به مضبوط ٿي پوندي آهي.

سماج ۾ جڏهن مرد پنهنجي هٺ ڌرمي ۽ ضد کان نه مُڙندو آهي، ته عورت به پوءِ انهن فرسوده روايتن کي ٽوڙڻ لاءِ جدوجهد ڪندي آهي.

سُر سهڻيءَ ۾ شاهه سائينءَ ڏيکاريو آهي ته سهڻي پنهنجي فطري اصولن موجب سماج جي ڪُڌن ڪرتوتن ۽ بيڪار ريتن رسمن کي ٺوڪر هڻي، مردن جي انهن مختلف ڪردارن کي للڪاريو آهي، جن ۾ هڪ ته سندس جابر ۽ ظالم پيءُ آهي، جنهن پنهنجي نياڻيءَ جي زوريءَ ڏَمَر سان شادي ڪرائي، ۽ ٻيو ڪردار آهي زوريءَ مڙهيل مڙس، جيڪو رات ڏينهن زال کي مهڻا ڏئي زندگي زهر ڪري ٿو:

شاهه سائين سهڻيءَ جي زبان ۾ هيئن فرمائي ٿو:

ڏَمَر ڏيهاڙِي ڏِئي، سندا ميهر مهڻا،

جهليم ٽي جهوليءَ ۾، پلئه پايو سي،
مرجان چاليهه چئي، سڳان سپرين جي.
(سُر سهڻي) (8)

هن سُر ۾ شاهه سائين سمورن فرسوده سماجي قدرن جو انڪاري ٿي، عورت ڪي پنهنجي ارادن ۾ اڏول ۽ مضبوط ڪري، پنهنجي پسند جي محبوب سان ملڻ جي حمايت ڪئي آهي. شاهه صاحب سماج جي انهن سمورين غلط رسمن کي ريٽي ڇڏيو آهي، جن جي ڪري سهڻيءَ کي سندس مرضيءَ جي خلاف ڪوڙو، ڪوڙهيو ۽ نڪمو مڙس ڏنو ويو هو، جنهن سان هن جو ذهني سنٻنڌ نه هو. زوريءَ ۽ مرضيءَ کان سواءِ نڪاح واري ڳالهه کي شاهه رد ڪري ٿو، تڏهن ته سهڻيءَ کان هيئن چورائي ٿو:

گهڙو پڳو ته گهوريو، مَرُ چُورُ ٿئي چُوڙو،
طالب المولیٰ مذڪر، ايءُ ٻُڌندن ٻوڙو،
ڪوڙهيو ڏَمُ ڪُوڙو، مون ميهار من ۾.
(سُر سهڻي) (9)

شاهه سائين سهڻيءَ جا سماجي يا مذهبي طور تي حق تلف ٿيندي ڏسي، رڳو سهڻيءَ جي نه بلڪ هر عورت جي حمايت ڪري ٿو ۽ تلقين ڪري ٿو ته عورت کي هيٺو ۽ ڪمزور ڪڏهن به ٿيڻ نه گهرجي. سماجي لحاظ کان مرد کي عورت جا فطري حق تسليم ڪرڻ کپن ۽ ڪيس برابريءَ جو حقدار سمجهيو وڃي.

جيڪڏهن سهڻيءَ جو اهڙو انوکو ۽ سماج جي غلط رسمن خلاف باغي ڪردار نه هجي ها ته هوءَ به انهن بيشمار عورتن وانگر اڻ ٻڌي، اڻ ڄاتي ۽ اڻ ڳاتي هجي ها، جيڪي سماج جي اهڙين فرسوده ۽ ذهني طرح نه قبوليل رسمن ۾ جڪڙجي، پنهنجي سموري حياتي، ان روڳ ۾ گذاري مري وڃن ٿيون.

سهڻيءَ جو ڪردار انهن سمورن سماجي قدرن خلاف جدوجهد جو اهڃاڻ آهي، اُن ڪري ئي اها انهيءَ لائق بڻي، جو شاهه سائينءَ جهڙي عظيم عالم، مفڪر ۽ شاعر جي نظر ۾ سورميءَ جي جاءِ والاريائين، شاهه سائين انهيءَ سلسلي ۾ فرمائي ٿو:

ته ڪر ڪيئن سُئي، جي سِير نه گهڙي سهڻي،
هونهين هوند مُئي، پر ٻڌيءَ جا ٻيڻا ٿيا.
(سُر سهڻي) (10)

Shah Abdul Latif Bhitai Chair

شاھہ سائينءَ جي نظر ۾ ھڪ عورت جڏھن پاڻ ۾ محبت، حجت، شرارتن ۽ معصوميت جي اندلت جا رنگ پري ٿي تہ سندس راءُ ريجهي ٿو پوي ۽ ھوءَ چڻ تہ پنھنجي منزل ماڻي وٺي ٿي. ھتي منھنجو اشارو نوريءَ ڏانھن آھي، جنھن لاءِ شاھہ سائين فرمائي ٿو:

تھڙو ڪينجھر ۾ ڪونہ ٻيو، جھڙي سونھن سندياسِ،
مَڏَ، مياڻيون، مڪڙا، مڙيئي معاف ٿياس،
مورچَلَ متاسِ، اُيو تماچيءَ تي ھٽي.
(سُر ڪاموڏ) (11)

نوريءَ جي روپ ۾ عورت سنڌي سماج جو ھڪ اھڙو ڪردار آھي، جنھن ۾ سُونھن ۽ سوڀيا تہ بي انتھا آھي، پر منجھس ھٺ، وڏائي، تڪبر ۽ غرور جو نالو ئي ڪونھي. ھوءَ ڄام تماچيءَ سان ڪنھن بہ قسم جو دوکو نٿي ڪري، بلڪ ڪيس صاف صاف ٻڌائي ٿي تہ سندس اباڻا مسڪين مھاڻا آھن، جن جي صورت ۽ سيرت ھن ريت آھي:

ڪِڪيءَ ھٽيون ڪاريون، ڇِڇِيءَ ھٽان ڇَڄَ،
پاند جنين جي پاند سِين، لڳو ٿئي لَڄَ،
سمون ڄام سھج، ايو ڪري ان سين.
(سُر ڪاموڏ) (12)

عورت جي اُھائي سچائي ۽ نوڙت ھئي، جنھن سماج ۾ طبقاتي فرق کي ختم ڪيو ۽ ھڪ حاڪم کي مھاڻن سان سڱ ڪرڻ تي مجبور ڪيو، نہ فقط ايترو، بلڪ ڪيس انھيءَ عورت جي پيشي سان بہ ايتري محبت ٿي وئي، جو ڄار ھٽ ۾ ڪٽي، ڪينجھر ۾ مڇين جو شڪار ڪندو رھيو. شاھہ سائينءَ انھيءَ محبت جو نقشو ڪجھ ھن طرح چٽيو آھي:

مَئيءَ ھٽ ۾ مڪڙي، ڄام ھٽ ۾ ڄار،
سڄو ڏينھن شڪار، ڪينجھر ۾ ڪالھہ ھئو.
(سُر ڪاموڏ) (13)

نوريءَ جي سماجي ڪردار اھو ثابت ڪري ڏيکاريو تہ "سلطاني سھاڳ" رڳو راجائي نُڪَ جو ورثو نہ آھي، بلڪ غريباڻي جيوت وارا ماڻھو بہ اھا حيثيت ماڻي

سگهن ٿا. اُن لاءِ شاهہ سائين فرمائي ٿو:

سڀ سميون، سڀ سومريون، سيني ڳچيءَ هَسَ،
پسڻ ڪارڻ پرينءَ جي، وڏا ڪيائون وَسَ،
ڍولُ ٿنين جي ڳَسَ، هيٺايون هلن جي.
(سُر ڪاموڏ) (14)

هن بيت ۾ شاهہ سائينءَ واضح ڪري ڇڏيو آهي تہ ضروري ناهي تہ سماج ۾ رڳو انهيءَ عورت جي حيثيت هجي، جيڪا اوچي طبقي يا حاڪماڻي خاندان سان تعلق رکندي هجي، بلڪ سماج جي نظرن ۾ عام ذات واري عورت بہ پنهنجي ڪردار سان اها حيثيت ماڻي سگهي ٿي:

سميون ڪري سينگار، راءُ ريجهائڻ آئيون،
ڄام هٿ ۾ ڄار، ڄُلي ڄبيرين وچ ۾.
(سُر ڪاموڏ) (15)

شاهہ سائينءَ جي شعري سماجي منشور ۾، سماج جي معاشي ترقيءَ ۾ عورت کي بہ پاڳي پائيوار ۽ وڏيڪ عزت ۽ احترام جي لائق ڏيکاريو ويو آهي.

سُر ڪاپائتيءَ ۾ لَسي، سنهڙي، بي عيب ۽ مضبوط تند ڪتيندڙ عورت يعني ڪاپائتيءَ جي پورهئي جي عظمت، هاڪ، ساک ۽ سماجي حيثيت جي لحاظ کان شاهہ جي نظر ۾ عورت جو سماج ۾ مٿيرو ۽ هاڪارو نالو آهي، جنهن جي هٿ جي پورهئي جي سونهن تي ڏورانهن ملڪن جا واپاري موهجي پون ٿا ۽ سودو خريد ڪري ڏيساور کڻي وڃن ٿا.

شاهہ سائينءَ هن سُر ۾ سماج کي معاشي طور تي مضبوط بنائيندڙ عورت ڪاپائتيءَ لاءِ ٻڌايو آهي تہ ڪاپائتيءَ جي سگهڙ پٽي ۽ سُرت ۾ چرخو ايئن تہ پيهي ويو آهي، جو هوءَ ساهہ ئي ان جي چرپر ۾ ٿي ڪٽي ۽ سندس هٿن جي ڇُهاءَ سان اڻ سڌريل ۽ پوئتي پيل سماج ۾ قومن جون پاڙون تاريخ، تهذيب ۽ انسانيت جي واڌاري، سڌاري ۽ عروج لاءِ پاتال ۾ پيهي وڃن ٿيون.

ڪاپائتيءَ جي شانائتي هٿ جي پورهئي، شاهہ صاحب جي نظر ۾ سماج جي هر پورهيت ۽ محنت ڪندڙ عورت کي وڏي حيثيت ڏياري، نہ فقط ايترو بلڪہ شاهہ سائينءَ مرداڻي بالادست ۽ حاڪم معاشري ۾ عورت کي برابر وارو رتبو ڏيندي، اجا بہ

Shah Abdul Latif Bhitai Chair

متيرو ڪيو آهي. جيئن فرمائي ٿو:

چرخو پنهنجي چت سان، پِنِيءَ پيريو جَن،
توڙي ڪين ڪَتِن، ته به ڪانڌ تنين جو ڪوڏيو.
(سُر ڪاپائتي) (16)

ڪو جو وَهَه ڪاپائتين، ڪنبن ۾ ڪَتِنِ،
ڪارڻ سُودَ سورايون، آتڻ منجهه اچن،
اُنِ جي سونهن سيد چوي، صراف ئي سِڪن،
اگهيا سُتَ سندن، پائي تارازيءَ نه توريا.
(ڪاپائتي) (17)

محبت پائي مَنَ ۾، رنديا روڙيا جن،
تن جو صرافن، اڻ توريو ئي اگهايو.
(ڪاپائتي) (18)

اهڙيءَ طرح شاهه سائينءَ مومل، ليلان، سورٺ، وٽجارين، ڪيڏاري جي بهادر عورتن ۽ موکِيءَ جي ڪردارن جي جذبات، احساس، اُمنگن ۽ اڌمن کي پنهنجي ڪلام ۾ بي مثال ۽ انوکي انداز ۾ ڳايو آهي، جنهن مان پَليءَ پت اندازو لڳائي سگهجي ٿو ته پاڻ عورت جي نفسيات ۽ ان جي سماجي حيثيت کان ڪيترو نه متاثر هو.

سماج جي اهائي ساڳي عورت، جيڪڏهن عربي ادب، فارسي ادب يا ٻين ٻولين جي شاعريءَ ۾ ڏٺي وڃي ته معلوم ٿيندو ته ان کي محض وندر جي شيءِ يا جنس سمجهي ۽ ڳائي ذهني ۽ زباني لذت حاصل ڪئي ويندي هئي، پر شاهه سائينءَ ان جي برعڪس عورت کي احترام جي نظر سان ڏٺو ۽ ڪيس جيڪا سماجي حيثيت ڏنائين، تنهن جو دنيا جي تاريخ ۾ ڪٿي به مثال نٿو ملي.

شاهه سائينءَ جي نظر ۾ عورت پنهنجو پاڻ ۾ سموريون صلاحيتون رکندڙ هڪ ڀرپور انسان آهي، جيڪا هر سماج جي تهذيب ۽ تمدن، معيشت، ڀائيچاري ۽ امن کي فروغ وٺرائڻ لاءِ ڪشالا ڪدي ٿي.

هوءَ پنهنجي صبر، تحمل، شرافت، دانائي ۽ همت سان سماج مان ڏاڍ ۽ ظلم جون پاڙون پٽڻ لاءِ حيلا به هلائيندي رهي ٿي.

## حوالا

1. شاهواڻي، غلام محمد، ”شاهه جو رسالو“، سنڌيڪا اڪيڊمي، ڪراچي، 2005ع، ص:317.
2. قاضي، علامہ آءِ. آءِ.، ”شاهه جو رسالو“، سنڌي ادبي بورڊ، ڄامشورو/حيدرآباد، 1986ع، ص:492.
3. شاهواڻي، غلام محمد، ”شاهه جو رسالو“، سنڌيڪا اڪيڊمي، ڪراچي، 2005ع، ص: 389.
4. ساڳيو، ص: 389.
5. ساڳيو، ص: 563.
6. ساڳيو، ص: 580.
7. ساڳيو، ص: 581.
8. ساڳيو، ص: 245.
9. ساڳيو، ص: 221.
10. ساڳيو، ص: 245.
11. ساڳيو، ص: 624.
12. ساڳيو، ص: 621.
13. ساڳيو، ص: 627.
14. قاضي، علامہ آءِ. آءِ.، ”شاهه جو رسالو“، سنڌي ادبي بورڊ، ڄامشورو/حيدرآباد، 1986ع، ص: 346.
15. شاهواڻي، غلام محمد، ”شاهه جو رسالو“، سنڌيڪا اڪيڊمي، ڪراچي، 2005ع، ص: 627.
16. ساڳيو، ص: 834.
17. ساڳيو، ص: 832.
18. ساڳيو، ص: 832.

Shah Abdul Latif Bhitai Chair